SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريہ 1987

SINDH ACT NO.VIII OF 1987

سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس (ترميم) ايڪٽ، 1987

THE SINDH URBAN IMMOVABLE PROPERTY TAX (AMENDMENT) ACT, 1987

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعہ 7_A جي ترميم

Amendment of section 7_A of West Pakistan Act V of 1958

3. 1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعہ 8_A جي ترميم

Amendment of section 8_A of West Pakistan Act V of 1958

4. 1987 جي سنڌ آرڊيننس VI جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance VI of 1987

سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريہ 1987

SINDH ACT NO.VIII OF 1987

سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس (ترميم) ايڪٽ، 1987

THE SINDH URBAN IMMOVABLE PROPERTY TAX (AMENDMENT) ACT, 1987

[10 ڊسمبر 1987]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي:

اهو هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس (ترميم) ايڪٽ، 1987 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ V

2. سنڌ شهري غير متحرڪ ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾، جنهن کي هن ڪانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 7_A

۾:

(a) شق (i) ۾ آخر ۾ ايندڙ لفظ "۽" کي ختم ڪيو ويندو.

(b) شق (ii) ۾ آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ، هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"(iii) پهرين جنوري 1977 تي ملڪيتن جي سلسلي ۾ ناهيل اگهن جي فهرست، جيڪا سوري يا عارضي طور صنعتي مقصدن لاءِ استعمال ٿيندي، ڄاڻايل تاريخ کان لاڳو هوندي ۽ تيستائين ان موجب ٽيڪس اوڳاڙي ويندي جيستائين دفعه 7 جي گنجائشن موجب نيون فهرستون عمل ۾ نه اچن.".

جي دفعه 7_A جي ترميم

Amendment of section 7_A of WEST PAKISTAN ACT V of 1958

3. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعه 8_A لاءِ، هيٺيون دفعه شامل ڪيو ويندو:

(توثيق) 8_A. اگرچه هن ايڪٽ، فيصلي يا ڪنهن ڪورٽ جي ڊڪري واري آرڊر ۾ شامل آهي، ته جيڪي ڪراچي ڊويزن جي سمورين يا جزوي ريٽنگ ايرياز ۾ صنعتي مقصدن جي لاءِ ڪم ايندڙ ملڪيتن بابت ملهه ڪٽڻ واريون لسٽون جوڙيون ويون آهن ۽ اهي پهرين جنوري 1977 کان لاڳو آهن، انهن کي صحيح سمجهيو ويندو ته اهي صحيح نموني سان جوڙيون ويون آهن ۽ نافذ ڪيون ويون آهن ۽ صحيح نموني سان ٽيڪس لڳائي وئي آهي، اوڳاڙي وئي آهي يا جمع ڪئي وئي آهي ۽ اهو سمجهيو ويندو ته اهي لسٽون درست نموني سان جوڙيون، لاڳو ڪيون ويون آهن ۽ صحيح نموني سان لڳايل ٽيڪس اوڳاڙي وئي آهي.

1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ V جي دفعه 8_A جي ترميم

Amendment of section 8_A of WEST PAKISTAN ACT V of 1958

4. سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس (ترميم)

1987 جي سنڌ

آرڊيننس، 1987 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.	آرڊيننس VI جي منسوخي Repeal of Sindh Ordinance VI of 1987

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.